# الله پاڪ جي

# خُفيه تدبير

06-April-2024



شبِ قدر جي اجتماع جو بيان

(for Islamic Brothers)

شبِّ قدر جي اجتماع جو بيان

27 رمضان المبارڪ 1445ھ/6 اپريل، 2024ء

# الله پاڪ جي خُفيہ تدبير

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

✿... جهنم ۾ وٺي وڃڻ واريون ٻہ برائيون

✿...70 پرهيزگارن جو عبرتناڪ انجام

✿... بُري خاتمي جا 4 سبب

✿... چڱي خاتمي جي لاءِ مدني گُل

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ موڪليو اللّٰه پاڪ ان تي 10 رَحمتون نازِل فرمائيندو آهي، جيڪو مون تي 10 ڀيرا دُرُودِ پاڪ موڪلي اللّٰه پاڪ ان تي 100 رَحمتون نازِل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي 100 ڀيرا دُرُودِ پاڪ موڪلي اللّٰه پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي شخص نِفاق ۽ دوزخ جي باھ کان آزاد آهي ۽ قِيامَت جي ڏينهن ان کي شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر | سدا سلام کہو عمر بھر دُرود پڑھو
عَبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو | خدا کی تم پہ ہو رَحمت اگر دُرود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (3)

---

[1] معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔

[2] ...نورِايمان، صفحہ:57۔

3 ...بخاري، ڪتاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

پيارا اسلامي ڀائرو! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو تہ ❁ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁ علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن پر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ❁ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**تفسير عزيزي ۾ آهي:** هڪ ڀيرو جڏهن اسان جي پياري آقا، مڪّي مدني مصطفٰی صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اڳين اُمّتن جي ڊگهين عُمرن جي متلعق غور فرمايو ۽ پنهنجي اُمت جي ننڍين عُمرن کي ملاحظ فرمايو تہ غمخوارِ امّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ دل شفقت کان ڀرجي آئي ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي سوچي غمگين ٿي ويا تہ منهنجا امتي جيڪڏهن گهڻي کان گهڻيون نيڪيون ڪن تڏهن بہ اڳين امتن جي برابري نہ ڪري سگهندا.

هيڏانهن محبوبِ رَبّ اَڪبر صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ دِل رنجيده ٿي، هوڏانهن اللّٰه پاڪ جي رَحْمت جوش ۾ آئي ۽ اللّٰه پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تسلي جي لاءِ سندن کي لَيلَةُ الْقَدْر جو تحفو عطا فرمايو.[1] جيئن ارشاد ٿيو:

اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِیْ لَیْلَةِ الْقَدْرِ ۚۖ(۱) وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا لَیْلَةُ الْقَدْرِ ؕ(۲) لَیْلَةُ

ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ اسان هن قرآن کي شب قدر ۾ لاٿو. ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ شب قدر ڇا آهي؟ شب قدر هزار مهينن کان

[1]… تفسيرِ عزيزی، جلد:3، صفحہ:257 ماخوذاً۔

الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ؕ﴿۳﴾ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ الرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ۛ﴿۴﴾ سَلٰمٌ ۛ هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿۵﴾

(پاره:30، سورة قدر:1 تا 5)

بهتر آهي. هن رات ۾ ملائڪ ۽ جبريل پنهنجي ربّ جي حڪم سان هر ڪم جي لاءِ لهندا آهن. هي رات صبح نڪرڻ تائين سلامتي آهي.

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا شان آهي منهنجي آقا ۽ موليٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي اُمّتين بابت ڳڻتي ٿي تہ اللّٰه پاڪ سندن دل جُوئي جي لاءِ اُمّت کي شبِ قدر جهڙي عظيم الشان نعمت عطا فرمائي. مَولانا حَسَن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان ڪندي فرمائن ٿا:

جتنا میرے خدا کو ہے میرا نبی عزیز | کونین میں کسی کو نہ ہو گا کوئی عزیز
جو کچھ تری رضا ہے، خدا کی وہی خوشی | جو کچھ تری خوشی ہے، خدا کو وہی عزیز [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ رمضان المبارڪ جي ستاويهين رات آهي ۽ عالم سڳورن جي اڪثريت انهيءَ طرف آهي تہ رمضان المبارڪ جي ستاويهين رات ئي **شبِ قدر** ٿيندي آهي.[2] لهٰذا اسان اُمّيد ڪريون ٿا تہ الحمد للّٰه! اڄ شبِ قدر آهي ❖ اڄ مغفرت جي رات آهي ❖ اڄ رحمت جي رات آهي ❖ اڄ اها رات آهي جنهن ۾ عبادت ڪرڻ هزار مهينن جي عبادت کان بهتر آهي ❖ اڄ سلامتي جي رات آهي، حضرت عبد اللّٰه بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن شبِ قدر ايندي آهي تہ اللّٰه پاڪ جي حڪم سان حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام هڪ سائو جهندو ڪٽي ملائڪن جي

---

1... ذوقِ نعت، صفحہ:135۔

2... فيضانِ رمضان، صفحہ:199۔

تمام وڏي فوج سان زمين تي نزول فرمائيندا آهن ۽ ان سائي جهنڊي کي ڪعبي شريف تي کڙڪائيندا آهن، هڪ روايت جي مطابق انهن ملائڪن جو تعداد رُوءِ زمين جي ڪنڪرين ڪان به وڌيڪ هوندو آهي، اهي سڀئي سلام ۽ رحمت کڻي نازِل ٿيندا آهن. حديثِ پاڪ ۾ آهي: حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جا 100 سؤ پر آهن، جن مان ٻه پر صرف انهيءَ رات کوليندا آهن اهي پَرَ اوڀر ۽ اولهه ۾ ڦهلجي ويندا آهن پوءِ **حضرتِ جبريل** عَلَيْهِ السَّلَام فرشتن کي حڪم ڏيندا آهن ته جيڪو به مسلمان اڄ رات قيام، نماز يا ذِڪرُاللّٰه ۾ مشغول آهي ان سان **سلام ۽ مصافحو** ڪريو، ۽ پڻ انهن جي دعائن تي آمين به چئو. اهڙيءَ ريت صبح تائين اهو ئي سلسلو رهندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ برڪتن ڀري رات آهي، اللّٰه پاڪ اڄ جي هن مبارڪ رات جو صدقو اسان سڀني جي بي حساب مغفرت ۽ بخشش فرمائي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

مغفرت کا ہوں تجھ سے سوالی | پھیرنا اپنے در سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی التجا ہے | یا خُدا تجھ سے میری دُعا ہے
نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے | مغفرت کر کے باغِ جناں دے
کر دے رحمت مری التجا ہے | یا خُدا تجھ سے میری دُعا ہے
یا خُدا! ماہِ رمضاں کے صدقے | سچّی توبہ کی توفیق دیدے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے | یا خُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
میں نے مانا کہ سب سے بُرا ہوں | کس کا ہوں؟ تیرا ہوں میں ترا ہوں
ناز رحمت پہ مجھ کو بڑا ہے | یا خُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[2]

---

[1]... شُعب الایمان، باب فی الصیام، جلد:3، صفحہ:336، حدیث:3695۔

[2]... وسائل بخشش، صفحہ:136 تا 137 ملتقطاً۔

# قرآنِ پاڪ جي هڪ خوبصورت تعليم

پيارا اسلامي ڀائرو! شبِّ قدر ڇوتہ قرآنِ ڪريم نازل ٿيڻ جي رات آهي، انهي مناسبت سان قرآنِ ڪريم جي خوبصورت تعليمات مان هڪ اهم تعليم جيڪا ڪنهن هڪ رات، هڪ مهيني، هڪ ڏينهن يا هڪ ڪلاڪ جي لاءِ نہ بلڪ زندگي جي هر هر گهڙي جي لاءِ آهي، هي هڪ احساس ۽ هڪ ڪيفيت جي تعليم آهي، جنهن جي متعلق قرآنِ ڪريم اسان کي ترغيب ڏياري ٿو تہ هي احساس مستقل طور تي اسان جي اندر رهڻ گهرجي، اها تعليم، اهو احساس ڪهڙو آهي؟ ٻڌو! الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِیْنَ لَا یَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَ رَضُوْا بِالْحَیٰوةِ الدُّنْیَا وَ اطْمَاَنُّوْا بِهَا وَ الَّذِیْنَ هُمْ عَنْ اٰیٰتِنَا غٰفِلُوْنَۙ(۷) اُولٰٓىٕكَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوْا یَكْسِبُوْنَ(۸) (پاره:11، يونس:7،8)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اُهي ماڻهو جيڪي اسان سان ملڻ جي اُميد نٿا رکن ۽ دنيا جي زندگي پسند ڪري وينا آهن ۽ ان تي مطمئن ٿي ويا آهن ۽ اُهي جيڪي اسان جي آيتن کان غافل آهن. انهن ماڻهن جو ٺڪاڻو انهن جي عملن جي بدلي ۾ دوزخ آهي.

هن آيتِ ڪريمہ مان پوئين آيتن ۾ هن ڳالهہ کي دليلن سان واضح ڪيو ويو تہ هي دُنيا فاني آهي، هن دُنيا جي هر شيءِ هر گهڙي پنهنجي اختتام جي طرف وڌي رهي آهي، جلد ئي هي دنيا تباهہ ۽ برباد ٿي ويندي، پوءِ قيامت قائم ٿيندي ۽ سڀني کي ربِّ ڪريم جي حضور حاضر ڪيو ويندو. هي ڳالهہ دليلن سان واضح ڪرڻ کان پوءِ الله پاڪ انهن آيتن (يعني آيت: 7 ۽ 8) ۾ غير مسلمن جون 4 برائيون بيان ڪيون ويون آهن (1) غير مسلم قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري جي اُمّيد ناهن رکندا يعني ✿ انهن جي دلين ۾ نہ قيامت جو خوف آهي ✿ نہ هي جهنم کان ڊڄن ٿا، ✿نہ ئي جنّت جو شوق رکن ٿا. هي انهن جي پهرين بُرائي هئي (2) ٻي بُرائي هي آهي تہ هي ماڻهو دُنيا جي

اُن عارضي ۽ فاني زندگي کي پسند ڪري ويٺا آهن، (3) هي ان دنياوي زندگي تي مطمئن آهن. (4) هي ماڻهو الله پاڪ جي آيتن کان غافل آهن. انهن جي اُن چار بُرائين جو انجام هي آهي ته آخرت ۾ انهن جو ٺڪاڻو جهنم هوندو.[1]

## جهنم ۾ وٺي ويندڙ 2 برائيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمه ۾ هڪ اهم ڳالهه جنهن جي طرف اسان جو ڌيان ڇڪايو ويو آهي، اها هي آهي ته هن دُنيا جي زندگي تي راضي ٿي وڃڻ، پنهنجي موجوده حالت تي مطمئن ٿي وڃڻ، هي گمان پنهنجي دل ۾ ويهارڻ ته جيئن مان هاڻي آهيان. ايئن ئي رهندس، هي غير مسلمن جو طريقو آهي، هڪ مسلمان جي هي شان آهي ته ❁ ان جي دل ۾ قيامت جو خوف هوندو آهي ❁ اهو جهنم کان ڊڄندو آهي ❁ قبر ۾ ❁ آخرت ۾ پڪڙ ٿيڻ کان ڊڄندو آهي ❁ اهو ڪڏهن به الله پاڪ جي خفيه تدبير کان بي خوف ناهي ٿيندو. ❁ پنهنجي موجوده حالت کان مطمئن ٿي ڪري اهو هي گمان ڪري ته مان جيئن آهيان ايئن ئي رهندس، ايئن ناهي ٿيندو.

پر افسوس! اسان جي حالت خراب آهي، الله پاڪ جي خفيه تدبير جو خوف اسان جي دلين مان نڪري ويو آهي، هن دنيا جي زندگي تي قناعت اسان جي دلين ۾ ويهي رهي آهي، افسوس! اسان کي آخرت جي فڪر ناهي ٿيندي❁ مون کي دنيا جو مال ملي وڃي، ان جي ڪوشش ته ڏينهن رات ڪئي ويندي آهي پر قيامت جي حساب ۾ ڪاميابي ملندي يا نه ملندي، ان جي ڪا فڪر ناهي❁ ڪجهه سؤ يا ڪجهه هزار روپين جو نقصان ٿي وڃي ته ڪلاڪن تائين پريشاني رهندي آهي پر گناهه ٿي ويندو آهي، اهو گناهه اسان کي جهنم جي عذاب ۾ گرفتار ڪري سگهي ٿو، ان تي ٿوري به پريشاني ناهي ٿيندي❁ ڪجهه هزار روپين جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي ته ڏاڍي حسرت، فڪرمندي سان

---

[1] صراط الجنان، پاره:11، سورهٔ يونس، زيرآيت:7-8، جلد:3، صفحه:287-288 بتغير۔

ان کي ڳولهيندا رهندا آهيون، پر نيڪي نہ ڪري سگهياسين، ثواب کان محروم رهجي وياسين، ان بابت ڪا حسرت ناهي ٿيندي. ❁ آفس وڃڻ ۾ 10 منٽ دير ٿي وڃون، صبح دير سان اک کُلي تہ فڪر ٿيندي آهي، پريشاني وٺي ويندي آهي تہ 10 منٽن جا پيسا ماهوار پگهار مان ڪٽبا. اسان جو نگران، آفيسر ناراض ٿيندو، ٽينشن ٿيندي آهي تہ هاڻي آفس دير سان پهچندس تہ نگران يا آفيسر جون ڇڙبون ٻڌڻيون پونديون پر صبح فجر جي نماز قضا ٿي وئي آهي، ان جي ڪري جهنم ۾ اڇليو ويندو، مون تي الله پاڪ جو غضب ٿيندو، افسوس! نماز ناهي پڙهي، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ڇا منهن ڏيکاريندس، ان جي ڪا فڪر ناهي هوندي. ❁ جيڪو ڪجهہ اسان هن دُنيا ۾ ڪمائي سگهيا آهيون، ان جي حفاظت تہ وڏي اهتمام سان ڪندا آهيون، تجوريون نهرايون ويندون آهن، بينڪ ۾ لاڪر سسٽم بہ استعمال ڪيو ويندو آهي، سيڪورٽي گارڊ بہ رکيا ويندا آهن پر دل ۾ ايمان جي دولت آهي، هي لازوال دولت، هي انمول دولت، هي سيني کان قيمتي دولت، ان جي حفاظت جي فڪر گهٽ ئي ماڻهن کي هوندي آهي، يقين مڃو! آخرت جي مُعاملي ۾ هي بي فڪري جي جيڪا ڪيفيت آهي، هي انتهائي نقصان ڪار آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَّهُمْ نَآىٕمُوْنَؕ(۹۷) اَوَ اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ یَّاْتِیَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّ هُمْ یَلْعَبُوْنَ(۹۸) اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِۚ-فَلَا یَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ۠(۹۹)

(پاره:9، الاعراف:97تا99)

ترجموڪنزالعرفان: ڇا ڳوٺن وارا هن ڳالهہ کان بي خوف ٿي ويا جو انهن تي اسان جو عذاب رات جو اچي جڏهن اهي سمهي رهيا هجن. ڇا ڳوٺن وارا هن ڳالهہ کان بي خوف آهن تہ انهن تي اسان جو عذاب ڏينهن جي وقت اچي وڃي جڏهن اهي راند ۾ پيل هجن. ڇا اهي الله جي خفيہ تدبير کان بي خوف آهن پوءِ الله جي خفيہ تدبيرکان صرف تباهہ ٿيڻ وارا ماڻهو ئي بي خوف ٿيندا آهن.

الله! الله! خبر پئي، الله پاڪ جي عذاب کان، ان جي پڪڙ کان، ان جي خفيہ تدبير کان بي خوف ٿي وڃڻ نقصان کٽڻ وارن جو طريقو آهي.

سدا خفيہ تدبير سے ربّ کی ڈرنا | سنو! آخرت کا اِسی میں بھلا ہے[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 70 پرهيزگارن جو عبرتناڪ انجام

حضرت وهب بن مُنَبہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: بني اسرائيل ۾ پرهيزگار(يعني دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا نيڪ ماڻهو هئا)، اُن زماني ۾ انهن جهڙو نيڪ ٻيو ڪوبہ نہ هو، الله پاڪ اُن زماني جي نبي عَلَیْہِ السَّلَام جي طرف وحي فرمائي تہ هي 70 پرهيزگار دنيا مان ڪافر ٿي مَرندا. ان نبي عَلَیْہِ السَّلَام حيرت مان پڇيو: ياالله پاڪ! ان جو ڇا سبب آهي؟ (هي تہ ظاهر ۾ تمام نيڪ آهن، دنيا کان بي رغبتي رکن ٿا، نيڪين تي نيڪيون ڪن ٿا، پوءِ انهن جو انجام اهڙو ڇو ٿيندو؟) الله پاڪ فرمايو: انهي ڪري جو هي پنهنجي انجام کان بي فڪر ٿي ويا آهن.[2]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! نيڪ ماڻهو آهن، دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا آهن، سندن زماني ۾ انهن جهڙو عبادت گذار ٻيو ڪوبہ نہ هو پر افسوس! انهن جو انجام ڀيانڪ ٿيو...!! ڇو؟ انهي ڪري جو هي بي فڪر ٿي ويا هئا، سندن دلين ۾ هي احساس اچي ويو هو تہ اسان جهڙي حالت ۾ آهيون، هميشہ اُنهيءَ حالت ۾ رهنداسون، رڳو انهن جو هي اطمينان، انهن جي هي بي فڪري، الله پاڪ جي خُفيہ تدبير کان بي خوفي هئي جنهن جي سبب هي هلاڪ ٿي ويا.

---

[1] ...وسائلِ فردوس، صفحہ:31۔
[2] سلوة العارفين، باب الخوف من سوء الخاتمة،جلد:2، صفحہ:165۔

| | |
|---|---|
| الٰہی! میں تیری عطا مانگتا ہوں | کرم کی مغفرت کی دعا مانگتا ہوں |
| بچانا برے سے خاتمے بچانا | میں ایمان پر خاتمہ مانگتا ہوں(1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خفيہ تدبير کان بي خوفي ڪبيره گناهہ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! اللّٰه پاڪ جي خُفيہ تدبير کان بي خوفي(يعني پنهنجي موجوده حالت تي مطمئن ٿي وڃڻ) تمام گهڻو نقصانڪار آهي. صحابي رسول عمار بن ياسر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ فرمائن ٿا: ❁ اللّٰه پاڪ جي رحمت کان مايوس ٿي وڃڻ ❁ اللّٰه پاڪ جي مدد کان نااُمّيد ٿي وڃڻ❁ ۽ **پنهنجي پاڻ کي اللّٰه پاڪ جي خُفيہ تدبير کان محفوظ سمجهڻ ڪبيره گناهن مان سڀني کان وڏا گناهہ آهن.**[2]

## ملائڪن ۽ شيطان جي انداز ۾ فرق

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ عجيب نفسيات پاتي وڃي ٿي. ❁ اسان جڏهن ڪا عبرتناڪ شيءِ ڏسندا آهيون❁ ڪا خوف واري ڳالهہ ٻڌندا آهيون❁ جڏهن جهنم جي عذابن جو ذڪر ٿيندو آهي ❁ اللّٰه پاڪ جي خفيہ تدبير جي باري ۾ روايتون ٻڌايون وينديون آهن تہ اسان کي محسوس ٿيندو آهي تہ هي ڳالهيون منهنجي لاءِ ناهن بلڪ ٻين جي لاءِ آهن. هي جيڪي نفسيات آهن، هي نهايت ئي خطرناڪ آهن. حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ نهايت عبرتناڪ روايت ذڪر ڪئي آهي، لکن ٿا: شيطان جو نالو ابليس آهي، ان هڪ لک 75 هزار سال تائين ستن آسمانن تي عبادت ڪئي، حضرت رضوان عَلَيۡهِ السَّلَام (جيڪو جنت جو داروغو آهي، ان) سان گڏ هڪ هزار سال تائين

---

[1] …وسائلِ فردوس، صفحہ:3،1 ملتقطاً۔
[2] مکارم الاخلاق للطبرانی، صفحہ:217، رقم:125۔

جنت جو خازن رهيو. هڪ پيرو شيطان جنت ۾ ڪنهن هنڌ لکيل ڏٺو تہ مُقرَّبِين (يعني الله پاڪ جو قرب رکڻ وارن) مان هڪ اهڙو آهي، جنهن کي الله پاڪ هڪ حڪم ڏيندو پر هُو الله پاڪ جي نافرماني ڪري ويهندو، لهٰذا ان کي الله پاڪ جي دروازي کان ڌِڪاريو ويندو ۽ ان جون تمام عبادتون، ذرّن جيان اڏايون وينديون.

ابليس هي ڳالھ پڙهي پر هُن اهو غورئي نہ ڪيو تہ هي ڳالھ منهنجي باري ۾ بہ ٿي سگهي ٿي، هي پنهنجي حالت تي مطمئن هو، الله پاڪ جي خُفيہ تدبير کان بي خوف هو، ان اهو ئي سمجهيو تہ هي مان نہ آهيان بلڪ ڪو ٻيو هوندو، جيئن تہ اُن الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! مون کي اجازت عطا فرمايو تہ مان ان نافرمان تي لعنت موڪليان، الله پاڪ اُن کي اجازت عطا فرمائي، جيئن تہ هي هڪ هزار سال تائين اُن نافرمان تي لعنت موڪليندو رهيو ۽ هن کي خبر نہ هئي تہ اهو نافرمان پاڻ ئي آهي.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي الله پاڪ جي خُفيہ تدبير کان بي خوفي...!! امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏيڪ لکن ٿا: هڪ اهڙي تحرير اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام لوح محفوظ تي لکيل پڙهي، اُن کي پڙهي ڪري اُن تي خوفِ خُدا جو غلبو طاري ٿي ويو(ڪيس هي سمجهي رهيا هئا تہ هي جنهن نافرمان جي متعلق عبارت لکيل آهي، اهو ڪو ٻيو نہ بلڪ مان ئي آهيان، جيئن تہ خوف خُدا جي غلبي جي سبب،) پاڻ روئڻ لڳا، ايترو رُنا جو ملائڪن کي اُن تي رحم اچڻ لڳو، سو ملائڪ سندن آسپاس جمع ٿي ويا، پڇيائون: اوهان ايترو شدت کان ڇو روئي رهيا آهيو؟ حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: مون لوح محفوظ تي لکيل هڪ تحرير پڙهي آهي، اُن ۾ هڪ نافرمان جو ذڪر آهي (۽ مون کي خوف آهي تہ ڪٿي اها تحرير منهنجي ئي باري ۾ نہ هجي.) ملائڪن جڏهن هي ٻڌو تہ انهن بہ اهو ئي سوچيو تہ ڪٿي اها تحرير اسان جي ئي باري

[1] سلوة العارفين، باب احوال الانبيا فی الخوف، جلد:2، صفحہ:170۔

۾ نہ هجي، جيئن تہ اُهي ملائڪ بہ الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان روئڻ لڳا.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي ملائڪ آهن، جيڪي معصوم آهن، انهن کان گناهہ ٿي ئي نٿا سگهن، هي ڪڏهن الله پاڪ جي نافرماني ڪندا ئي ناهن، غور فرمايو ان جي باوجود بہ هي الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڪيتري قدر ڊڄن ٿا...!! پوءِ هتي شيطان جي ۽ ملائڪن جي انداز جو فرق ڏسو! شيطان بہ اها ئي تحرير پڙهي پر هي پنهنجي حالت تي مطمئن رهيو، اُن اهو ئي سمجهيو تہ هي نافرمان مان نٿو ٿي سگهان بلڪ ڪو ٻيو آهي پر ملائڪن اهڙو خيال دل ۾ نہ آندو بلڪ هي سيئي پنهنجي متعلق ڊڄيا ۽ روئڻ شروع ٿي ويا...!!

الله پاڪ نہ ڪري جو اسان جو انداز بہ هن خبيث شيطان جهڙو هجي، تمام ٿورا ماڻهو آهن جيڪي ❁جهنم جي عذاب جو ٻڌي ڪري ❁ قبر ۽ آخرت جي هولناڪين جو ٻڌي ڪري❁ الله پاڪ جي خُفيہ تدبير جي باري ۾ روايتون ٻڌي ڪري پنهنجي باري ۾ غور ڪندا آهن، عام طور تي ماڻهو اهو ئي سمجهي رهيا هوندا آهن تہ ❁ مون کي ڪجهہ ناهي ٿيڻ وارو❁ مون کي تہ الله پاڪ بخشي ڇڏيندو ❁ هي روايتون❁ هي عذاب ❁ هي هولناڪيون منهنجي لاءِ ناهن بلڪ ٻين جي لاءِ آهن.

اي عاشقانِ رسول! ايئن نہ سوچو! الله پاڪ بي نياز آهي، اهو ڪنهن جو محتاج ناهي، منهنجي باري ۾ الله پاڪ جي خفيہ تدبير ڇا آهي، مون کي ان جي باري ۾ سوچڻو آهي، ان جي فڪر ڪرڻي آهي❁ مان اَڄ نمازي آهيان، افسوس! ڪالهہ نمازي نہ رهي سگهيس تہ ڇا ٿيندو؟ ❁ اَڄ مان نيڪ آهيان، سڀاڻي مون کان نيڪي جي توفيق کسي وئي تہ منهنجو ڇا بڻجندو؟❁ هاءِ! افسوس! مون کي توبہ جي توفيق ناهي ملي رهي ❁ افسوس! مان گناهہ نہ ٻيو ڇڏي سگهان...! افسوس! جيڪڏهن اُن ۾ الله پاڪ جي خفيہ تدبير ٿي❁

---

[1] سلوة العارفين، باب احوال الانبيا فی الخوف، جلد:2، صفحہ:170۔

افسوس! جيڪڏهن مان پنهنجو ايمان سلامت ڪٽي ڪري دنيا مان نہ وڃي سگهيس تہ منهنجو ڇا بڻبو...!! مان ڪيڏانهن ويندس؟ ڪنهن جي در جو سهارو وٺندس.....؟

کس کے در پر میں جاؤں گا مولیٰ
گر تُو ناراض ہوگیا یارب!
وقتِ رِحلت اب آگیا مولیٰ
جلوۂ مصطفٰے دکھا یارب!
قبر میں آہ! گُھپ اندھیرا ہے
روشنی ہو پئے رضا یارب!
نورِ احمد سے قبر روشن ہو
وَحشَتِ قبر سے بچا یارب! (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪاش! اهو خوش نصيب مان ئي هجان ها.....!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڀين جو انجام ڪهڙو ٿيندو؟ مون سان ڳڏ ويٺل شخص جي باري ۾ الله پاڪ جي خُفيہ تدبير ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ فڪر ڪرڻ جي مون کي ضرورت ناهي، مون کي تہ هي سوچڻو آهي تہ منهنجو انجام ڇا ٿيندو؟ منهنجي باري ۾ الله پاڪ جي خُفيہ تدبير ڪهڙي آهي؟ اسان جا بُزرگانِ دين اهڙائي هئا. مشهور وليُّ الله حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ اچي ٿو، پاڻ هڪ ڀيرو هڪ حديث شريف بيان ڪئي، جنهن ۾ سڀني کان آخري جنّتي جو ذڪر هو، مضمون ڪجهه هن طرح هو تہ جڏهن سڀئي جنتي جنّت ۾ ۽ سڀئي جهنمي جهنم ۾ پهچي ويندا تہ سڀني کان آخر ۾ هڪ شخص کي جهنم مان ڪڍي ڪري جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو.

امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن هي روايت بيان ڪئي تہ تڙپي ڪري فرمايائون: ڪاش! اهو آخري جنّتي مان ئي ٿي وڃان...!! ماڻهن پڇيو: سائين!

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:80۔

اوهان ايئن چو چئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: ڇو تہ اُن جهنمي جو جهنم کان آزاد ٿيڻ ۽ جنّت ۾ پهچڻ يقيني آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن، ٿورو اندازو لڳايو تہ هي ڪهڙي طرح الله پاڪ جي خُفيہ تدبير کان ڊڄندا هئا. ڪاش! اسان کي بہ خُفيہ تدبير جو خوف نصيب ٿي وڃي، ڪاش! پنهنجي انجام جي فڪر اسان کي ميسر اچي وڃي.

| | |
|---|---|
| گناہوں سے توبہ کی توفیق دے دے | ہمیں نیک بندہ بنا یاالٰہی! |
| رہے خوف ہر دم بُرے خاتمے کا | ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی! (2) |

## ايمان تي موت جي ڪنهن وٽ ضمانت ناهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو ڪروڙين ڪروڙ احسان آهي جو ان اسان کي انسان بڻايو ۽ مسلمان ڪيو، پنهنجي پياري حبيب، دِلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دامَنِ ڪرم اسان جي هٿن ۾ ڏنو، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان مسلمان آهيون پر اسان مان ڪنهن وٽ هن ڳالهہ جي ڪا ضمانت ناهي تہ هُو مرڻ گهڙي تائين مسلمان ئي رهندو، جهڙي طرح بي شُمار ڪافر خوش قسمتي سان مسلمان ٿي ويندا آهن، اهڙي طرح ڪجهہ بدنصيب مسلمانن جو مَعَاذَ الله! اِيمان کان ڦري وڃڻ بہ ثابِت آهي. افسوس! جيڪو اِيمان کان ڦري يعني ڪافِر ۽ مُرتَد ٿي مرندو، اهو هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزَخ ۾ رهندو. سيپاري: 2، سوره بقره، آيت:217 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ (۲۱۷)

---

[1] تنبيہ الغافلين، باب المواعظ، صفحہ:353۔

[2] ...وسائلِ فردوس، صفحہ:15۔

ترجموڪنزلايمان: ۽ توهان مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦري وڃي پوءِ ڪافر ٿي مري وڃي تہ انهن ماڻهن جا سڀ عمل دنيا ۽ آخرت ۾ برباد ٿي ويا ۽ اهي دوزخ وارا آهن اهي ان ۾ هميشہ رهندا.

ایماں پہ ربِّ رحمت، دیدے تو استقامت
دیتا ہوں واسِطہ میں تجھ کو ترے نبی کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خبر ناهي اسان جو خاتمو ڪيئن ٿئي!

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اولادِ آدم مختلف طبقات تي پيدا ڪئي وئي، انهن مان ❁ بعض مومن پيدا ٿيا ايمان جي حالت تي زنده رهيا ۽ مومن ٿي مرندا، ❁ بعض ڪافر پيدا ٿيا ڪفر تي زنده رهيا ۽ ڪافِر ٿي مرندا، ❁ بعض مومِن پيدا ٿيا مومِناڻي زندگي گذاري ۽ ڪفر جي حالت تي مُئا، ۽ ❁ بعض ڪافِر پيدا ٿيا، ڪافر زنده رهيا ۽ مومِن ٿئي مرندا. (ترمذی،کتاب الفتن،باب ما اخبر النبی الخ،۴/ ۸۱،حدیث: ۲۱۹۸)

## نيڪ انسان غير مسلم تي مري ويو

حضرت امام اَبومُحَمَّد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: 3 پرهيزگار حج جي ارادي سان صرف الله پاڪ تي ڀروسو رکي ڪري بغير کائڻ پيئڻ جو سامان ساڻ کڻڻ جي بيت الله شريف روانا ٿيا. رستي ۾ انهن غير مسلمن جي هڪ بستي ۾ قيام ڪيو، تنهي(پرهيزگارن) مان هڪ جي نظر هڪ خوبصورت غيرمسلم عورت تي پئي تہ سندس دل ان جي طرف مائل ٿي وئي، جڏهن تنهي سفر جو ارادو ڪيو، ان حيلا بهانا ڪري ٽنائي ڇڏيو ۽ پاڻ اُتي ئي ويهي رهيو، سندس ٻئي سفر جا ساٿي هليا ويا ۽ اُن ڪي بستي ئي ۾ ڇڏي ڏنائون، هاڻي اُن پنهنجي دل جي ڳالهہ اُن عورت جي والد سان ڪئي، اُن چيو: هن جو مهر تنهنجي لاءِ تمام گهڻو ڳرو آهي تون ان جي طاقت نٿو رکين، ان پڇيو: ڇا

مهر آهي؟ ڇوڪري جي والد چيو: تون غير مسلم تي وچ. سو اُن پرهيزگار غير مسلم تي ان عورت سان نڪاح ڪري ورتو ۽ 2 ٻار بہ پيدا ٿيا. آخرڪار اهو غير مسلم ئي تي مئو. جڏهن ان جا ٻئي ساٿي سفر کان واپس آيا تہ اُن جي باري ۾ معلومات ڪئي تہ انهن کي ٻڌايو ويو تہ هُو غير مسلم تي مري چڪو آهي ۽ غير مسلمن اُن کي پنهنجي قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي تہ اهي ان جي قبر تي تشريف کڻي ويا، اُتي هڪ عورت ۽ 2 ٻارن کي قبر تي روئندي ڏٺائون تہ اُهي ٻئي بہ پري کان روئڻ لڳا. عورت انهن کان پڇيو: اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ انهن هن جي عبادت، نماز ۽ پرهيزگاري جو ذڪر ڪيو، جڏهن عورت هي ٻڌو تہ ان جي دل اسلام جي طرف مائل ٿي وئي ۽ ان پنهنجي ٻنهي ٻارن سميت اسلام قبول ڪري ورتو. حضرت شيخ ابو مُحَمّد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: سُبْحٰنَ الله! جيڪو غير مسلم هو اهو اسلام کڻي آيو ۽ معاذالله جيڪو مسلمان هو غير مسلم تي مئو. تنهنڪري مسلمان کي گهرجي تہ پنهنجي انجام کان ڊڄندو رهي ۽ الله پاڪ کان چڱي خاتمي جو سوال ڪندو رهي.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙي نہ عبرت جي ڳالھ آهي...!! اها عورت جنهن جي عشق ۾ مبتلا ٿي ڪري ان نيڪ انسان ايمان جهڙي دولت کي ڇڏي ڏنو، اسلام کان منهن موڙيائين، آخر اها مسلمان ٿي وئي ۽ اهو بدانجام غير مسلم ٿي دنيا مان هليو ويو....!!

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے | ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی!(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] الروض الفائق، المجلس الثانی فی قولہ تعالی...الخ، صفحہ:16

[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

# الله پاڪ جي خُفيہ تدبير کان ڊڄندا رهو!

حضرت عبدالله مُوصَلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان جي زماني ۾ هڪ غمزده شخص هيو، جنهن کي قَضِيّبُ البَان(يعني واڻ نالي وڻ جي ٽاري) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. سندن احترام ۽ رُعب ۽ دٻدٻي جي ڪري ساڻس ڪوبہ ڳالهائڻ جي جرائت نہ ڪندو هو. هُو تمام گهڻو روئندو هو. تقدير مونکي اُن شخص جي اڪيلائي ۾ وني وئي تہ مون ان ڪان پڇيو: اي منهنجا محترم! اُن ذات جو قسم جنهن اوهان کي پنهنجي ذات ڪان سواءِ هر شيءِ ڪان بي پرواه ڪري ڇڏيو آهي! اوهان جي غم ۽ ماڻهن ڪان جُدا رهڻ جو سبب ڇا آهي؟ اُن مون کي ڏنو ۽ تمام گهڻو رُنو پوءِ اُن جو رنگ بدلجي ويو ۽ هُو بيهوش ٿي ويو. مون کي گمان ٿيو تہ هُو وصال ڪري ويو آهي. بهرحال جڏهن اُن کي هوش آيو تہ مون ڳالهين ئي ڳالهين ۾ اُن کي مانوس ڪري ڇڏيو ۽ اُن کي مُخاطب ڪري سندس دل وندرائي ۽ اُن کي قسم ڏئي ڪري سندس حالت جي باري ۾ پڇيو تہ هُو روئندي پنهنجو واقعو بيان ڪرڻ لڳو تہ: مان پنهنجي شيخ جي خدمت ڪندو هيس، هُو ابدال مان هو، مون 40 سال ان جي خدمت ڪئي، اهو نهايت عبادت گذار هو. اُن پنهنجي وصال ڪان 3 ڏينهن پهريان مون کي سڏي ڪري چيو: اي منهنجا پٽ! اي الله پاڪ جا ٻانها! منهنجو توتي ۽ تنهنجو مون تي حق آهي. ۽ توتي منهنجي تمام حقن مان هڪ هي آهي تہ تون منهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌين ۽ منهنجي وصيت کي پورو ڪرين. مون عرض ڪيو: محبت ۽ عزت سان اوهان جي وصيت پوري ڪندس. تہ ان چيو: منهنجي عُمر 3 ڏينهن باقي آهي ۽ مان ڪافر ٿي مرندس. جڏهن مان مري وڃان تہ مون کي ڪپڙن سميت رات جي اونداهي ۾ هڪ پيتي ۾ وجهي ڪري شهر ڪان ٻاهر فلاڻي جاءِ تي ڪڻي وڃجان ۽ سج نڪرڻ تائين اُتي ئي رڪيل رهجان، جڏهن تون ڪنهن قافلي کي ايندي ڏسين تہ انهن وٽ بہ هڪ پيتي هوندي اهي اُن کي منهنجي پيتي جي پر ۾ رکي ڇڏيندا ۽ منهنجي پيتي ڪڻي ويندا، تون اها بي پيتي ڪڻي واپس اچي وڃجان. پوءِ اُن پيتي کي

ڪولي ڪري اُن ۾ موجود شخص کي ڪيجان ۽ ان سان اُھوئي سُلوڪ ڪجان جيڪو توتي لازم ھو تہ تون مون سان ڪرين ھا(يعني اُن جي تجھيز و تڪفين ۽ تدفين وغيره ڪجان). ھي ٻڌي ڪري مان روئي ڪري پڇڻ لڳس: اھڙو معاملو ٿيڻ جو سبب ڇا آھي؟ تہ انھن جواب ڏنو: اي منھنجا پٽ! ھي سڀ ڪجھ لوح محفوظ ۾ لکيل آھي، ۽ پھريان بہ ۽ بعد ۾ بہ الله پاڪ ئي جو حڪم آھي:

لَا يُسْـَٔلُ عَمَّا يَفْعَلُ

ترجموڪنزالعرفان: الله ڪان ان ڪم جي باري ۾ سوال نہ ڪيو ويندو جيڪو ھُو ڪري ٿو. (پاره:17، الانبيا:23)

جڏھن ٽي ڏينھن گذريا تہ منھنجو شيخ بي چين ٿي ويو، رنگ بدلجي ويو ۽ ان جو منھن ڪارو ٿي اوپر جي طرف ڦري ويو ۽ ھُو اونڌي منھن ڪِري مَري ويو. مان تمام گھڻو رُنس ۽ مون کي ايترو غم لاحق ٿيو جنھن کي الله پاڪ ڪان سواءِ ڪوبہ نٿو ڄاڻي. پوءِ مون کي وصيت ياد آئي تہ مون کيس ھڪ پيتي ۾ رکيو ۽ جڏھن رات ٿي تہ مون ان پيتي کي کڻي اُن جاءِ تي وڃي رکيو جنھن جاءِ بابت منھنجي شيخ ٻڌايو ھو ۽ اُتي ويھي رھيس ايستائين جو جڏھن سج نڪري آيو تہ ھڪ جماعت گريہ زاري ڪندي آئي، انھن وٽ بہ ھڪ پيتي ھئي، اُنھن پنھنجي پيتي کي ھن پيتي جي پرسان رکي ڇڏيو. انھن مان ھڪ شخص اڳتي وڌيو ۽ جيڪا پيتي مون آندي ھئي اھا کڻي وڃڻ لڳو تہ مون ان کي پڪڙي چيو: جيستائين تون مون کي پنھنجي باري ۾ نہ ٻڌائيندي تہ مان توکي نہ ڇڏيندس. تہ اُن مون کي پنھنجي باري ۾ ٻڌايو تہ: مان اُن غير مسلم مذھبي رھنما جو 40 سال کان خادم رھيو آھيان. اُن پنھنجي موت کان پھريان مون کي سڏي ڪري چيو: اي منھنجا پٽ! منھنجو توتي ۽ تنھنجو مون تي حق آھي، توتي منھنجي تمام حقوق مان ھڪ ھي آھي تہ جڏھن مان 3 ڏينھن کان پوءِ مري وڃان تون مون کي ھڪ پيتي ۾ رکجان ۽ اھا پيتي کڻي فلاڻي جاءِ تي رکي ڇڏجان ۽ ھن ئي جاءِ جو ذڪر ڪيو ۽ اھو بہ چيائين تہ

جيڪڏهن تون اُتي رڪيل ٻي پيتي ڏسين تہ منهنجي پيتي کي اُن جي جاءِ تي رڪي ڇڏجان ۽ ان پيتي کي پاڻ سان ڪٽي گرجا گهر رڪجان ۽ مون سان جيڪو معاملو ڪرڻ توتي واجب آهي اهو ئي ان سان ڪجان(يعني غير مسلمن جي طريقي تي دفن ڪرڻ). جڏهن 3 ڏينهن گذري ويا تہ سندس چهرو خوشي مان ٻهڪي رهيو هو، ڪلمو شريف پڙهي ڪري مسلمان ٿي انتقال ڪري ويو. پوءِ مون سندس حڪم جي مطابق عمل ڪيو ۽ اُن کي هتي ڪٽي آيس.(اهو بزرگ فرمائي ٿو تہ) جيڪا پيتي اهي ماڻهو ڪٽي آيا هئا مون ان کي کنيو ۽ گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ رکي ڪري کولي ڏٺو تہ اُن ۾ هڪ اهڙو بُزرگ هو، جنهن جي چهري تي نور جي بارش وسي رهي هئي، سندن سيئي وار اڇا هئا. مون ان کي پيتي مان ڪڍيو ۽ فقراء سان ملي ڪري ڪيس غسل ڏنو، اسان ان جي جنازي جي نماز پڙهي ۽ هڪ ڪنڊ ۾ دفن ڪري ڇڏيو. **اهو ڏينهن شاهد آهي تہ مان جڏهن بہ ٻاهر نڪرندو آهيان تہ منهنجي چهري تي بُري خاتمي جي خوف سان غم جا ڪڪر وسڻ لڳندا آهن. منهنجو ماڻهن کان الڳ رهڻ جو سبب اهو ئي آهي.**[1]

## شيطان عزيزن جي روپ ۾ ايمان تي ڌاڙو هڻندو.......!!

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ اچڻو هو سو اسان اچي وياسين پر دنيا مان ايمان کي سلامت کڻي وڃڻ جي لاءِ سخت دشوار گذار گهاٽين مان گذرڻو پوندو ۽ پوءِ بہ ڪا خبر ناهي تہ خاتمو ڪهڙو ٿيندو! افسوس! افسوس!! افسوس!موت جي وَقت ايمان کسڻ جي لاءِ شيطان طرح طرح جون چالون هلندو آهي ايستائين جو ماءُ پيءُ جو رُوپ ڌاري بہ ايمان تي ڌاڙو هڻندو آهي ۽ ڪڏهن مرڻ واري جي سامهون سڪرات جي وقت ان جي پيارن جي صورت اپنائي ايندو آهي ۽ يهود ونصاريٰ کي دُرُست ثابِت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري مرڻ واري کي يهودي يا نصراني مذهب اختيار ڪرڻ جو چوندو آهي تہ ڪڏهن ايمان کسجڻ جي ڪا ٻي چال هلندو آهي. يقيناً اهو اهڙو نازُڪ موقعو هوندو تہ بس جنهن تي الله پاڪ

1 الروض الفائق، المجلس الثانی فی قولہ تعالی...الخ، صفحہ:18۔

جو خاص ڪرم ۽ اِحسان ٿيندو اهو ئي ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو ۽ انهيءَ جو ايمان سلامت رهندو آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت، مولانا شاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دمِ نَزع (يعني سڪرات جي وقت) ٻه شيطان، انسان جي ٻنهي پاسن کان اچي ويهندا آهن هڪ ان جي پيءُ جي شڪل ۾، ٻيو ماءُ جي. ❁ هڪ چوندو آهي: اهو شخص يهودي ٿي مُئو ٿُون (ٻه) يهودي ٿي وڃ ڇوته يهودي اتي وڏي سُک ۾ آهن. ❁ ٻيو چوندو آهي: اهو شخص نصراني (ٿي دنيا مان) ويو ٿُون به نصراني ٿي وڃ ڇوته نصراني اتي وڏي آرام سان آهن.( فتاوی رضويہ، ۹/۸۳)

واقعي معاملو ڏاڍو نازڪ آهي، ايمان جي برباديءَ جي خوف سان خوفِ خدا وارن جون دليون ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندِيون آهن.

فکرِ مَعاش بد بلا ہَولِ مَعاد جانگزا | لاکھوں بلا میں پھنسنے کو روح بدن میں آئی کیوں[1]

## هڪ عبادت گذار جو عبرتناڪ انجام

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان اسان جو کليو دشمن آهي، هي خبيث هميشه اسان کي اسان جي انجام کان غافل ڪري ڀٽڪائڻ ۽ جهنم جو حقدار بڻائڻ ۾ لڳل آهي. لعنتي شيطان ڪهڙي ڪهڙي طريقي سان ماڻهن کي ڀٽڪائي جهنم ڏانهن وٺي وڃي ٿو، هڪ سبق آموز واقعو پڙهو!

ڪتابن ۾ لکيل آهي: بَرصيّصاص نالي هڪ عبادت گذار هو، الله پاڪ ان کي ڊگهي زندگي عطا فرمائي هئي ۽ هي سيني کان عليحده ٿي ڪري الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهندو هو، ان 2 سو سال اهڙي طرح گذاريا جو هڪ گهڙي جي لاءِ به ڪو گناه نه ڪيو. ان جا 60 هزار شاگرد هئا ۽ سيني کي ان جو اهڙو فيضان مليو هيو هو جو اهي هوا ۾ اڏامندا هئا. پر افسوس! الله پاڪ جي خفيه تدبير اُن تي غالب آئي ۽ هي غيرمسلم ٿي دنيا مان هليو ويو.

---

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:97۔

**واقعو هيئن ٿيو** تہ هڪ ڀيرو شيطان انساني روپ ۾ بَرصيِّصا وٽ آيو ۽ سندن جي عبادت گاهہ جي ڀرسان بيهي شيطان ان کي آواز ڏنو، بَرصيِّصا چيو: جيڪو الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ چاهي ٿو، ان کي ڪنهن دوست جي ضرورت ناهي. بَرصيِّصا جو جواب ٻڌي ڪري شيطان سندس عبادت گاهہ جي ٻاهران خيمو لڳائي ڇڏيو.

هاڻي اُن بدبخت جي ڦٽڪائڻ جو انداز ڏسو! شيطان 3 ڏينهن تائين هن عبادت گاهہ جي ٻاهران مسلسل عبادت ڪئي، ان دوران هن نہ ننڊ ڪئي، نہ ئي ڪجھ کاڌو پيتو. چوٿہ هي انساني شڪل ۾ هو ۽ بَرصيِّصا ڪيس انسان ئي سمجهي رهيو هو، جيئن تہ هو اُن جي عبادت ڏسي ڪري تمام گهڻو متاثر ٿيو، بَرصيِّصا پڇيو: مون کي عبادت ڪندي 2 سو سال ٿي ويا آهن پر اجا تائين هي رتبو ناهي مليو، مون کي سمهڻ جي بہ ضرورت پئي ٿي، کائڻ پيئڻ جو بہ محتاج آهيان، (ڪاش! مان بہ تو وانگر عبادت ڪري سگهان...!! توکي هي مرتبو ڪيئن مليو؟)

شيطان چيو: اصل ۾ ڳالھ هي آهي تہ مون کان هڪ گناهہ ٿي ويو هو، جڏهن مون کي اهو گناهہ ياد ايندو آهي تہ منهنجي هي ڪيفيت ٿي ويندي آهي، پوءِ مون کي نہ بُک لڳندي آهي، نہ ئي اُڃ لڳندي آهي، نہ ئي ننڊ ايندي آهي. تو چو تہ ڪڏهن ڪو گناهہ ڪيو ئي ناهي تنهنڪري تنهنجي اها ڪيفيت ناهي، جيڪڏهن تون مون جهڙو ٿيڻ چاهين ٿو تہ هڪ گناهہ ڪر، پوءِ توتي خوفِ خدا غالب ٿي ويندو ۽ تون بہ مون وانگر کائڻ پيئڻ کانسواءِ عبادت ڪري سگهندين. بَرصيِّصا چيو: مون جنهن ربّ ڪريم جي ايتري عرصي تائين عبادت ڪئي آهي، هاڻي مان ان جي نافرماني ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ شيطان چيو: انسان جڏهن گناهہ ڪندو آهي تہ معافي جي طرف وڌندو آهي(الله پاڪ کان ڊڄي ڪري ان جي بخشش جو سوالي بڻجندو آهي، لهٰذا هي ڪيفيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ گناهہ ڪرڻو ئي پوندو)

شيطان جون اهي ڳالهيون ٻُڌي ڪري بَرصيِّصا لالچ ۾ اچي ويو ۽ چيائين:

يلا ٻڌايو تہ ڪهڙو گناھ ڪيان؟ شيطان چيو: زنا ڪر. بَرصيصا انڪار ڪيو. شيطان چيو: ڪنهن کي قتل ڪر! بَرصيصا ان تي بہ راضي نہ ٿيو! شيطان چيو: هلو يلا شراب پيءُ! اُن تي بَرصيصا راضي ٿي ويو. اُن شراب خريد ڪيو، اُن کي پيتائين، هاڻي هُو نشي ۾ مست ٿي ويو، اُن نشي جي حالت ۾ زنا بہ ڪئي ۽ ناحق قتل جو گناھ بہ ڪري وينو. جڏهن هن اهڙا سنگين ڏوھ ڪيا تہ اُن کي گرفتار ڪري ڦاهي جي سزا ٻڌائي وئي، جڏهن ان کي ڦاهي جي تختي تي لٽڪايو ويو، تڏهن شيطان ان جي ويجهو آيو ۽ چيائين: مان توکي ڇڏائي سگهان ٿو، بس منهنجي هڪ ڳالھ مڃ! اللہ پاڪ جو انڪار ڪري مون کي سجدو ڪر! **افسوس! بَرصيصا جنهن گناهن کان بچي ڪري 200 سال عبادت ۾ گذاريا اهو شيطان جي چار ۾ ڦاسي ويو ۽ اُن شيطان کي سجدو ڪيو، جيئن اُن هي ڪفر ڪيو، اُنهي وقت اُن کي موت اچي ويو ۽ هي بدبخت ايمان کان ڦري ڪري، مُرتد ٿي دنيا مان هليو ويو..!!**[1]

اي عاشقانِ رسول! ڊڄڻ جو مقام آهي، افسوس! خوف جي ڳالھ آهي، جڏهن 200 سال عبادت ۾ گذارڻ، هڪ بہ گناھ نہ ڪرڻ واري جو اهڙو دردناڪ انجام ٿيو تہ اسان جيڪي گنهگار آهيون، اسان کان ڏينهن رات نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا گُناھ ٿين ٿا، اسان پنهنجي انجام کان بي فڪر ڪيئن ٿا رهي سگهون...!!

مجھے ایسے عمل کی دے توفیق — کہ ہو راضی تری رضا یا ربّ!

تو حسن کو اٹھا حسن کر کے — ہو مع الخیر خاتمہ یا رب![2]

## جنهن کي ايمان جي برباديءَ جو خوف نہ هوندو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! ايمان جي سلامتي جي مدني سوچ نصيب ٿي وڃي، صد ڪروڙ ڪاش! هر وقت بُري خاتمي جي خوف سان دل گهبرائيندي

[1] سلوة العارفين، باب الخوف سوء الخاتمہ، جلد:2، صفحہ:166۔168۔

[2] ...ذوقِ نعت، صفحہ:85۔87 ملتقطاً۔

رهي، ڏينهن ۾ هرهر توبہ ۽ استغفار جو سلسلو رهي. الله پاڪ جي دربار مان ايمان جي حفاظت جي خيرات گهرڻ جي توفيق ملندي رهي. تشويش ۽ سخت تشويش جي ڳالهہ اها آهي تہ جهڙي طرح دُنيوي دولت جي حفاظت جي مُعامَلي ۾ غفلت مالي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي اهڙي طرح بلڪ ان کان بہ گهڻو سخت مُعامَلو ايمان جو آهي. ملفوظات اعليٰ حضرت ۾ آهي: عالم سڳورا فرمائن ٿا: **جنهن کي ايمان جي کسجي وڃڻ جو خوف نہ هجي مرڻ وقت اُن جو ايمان کسجي وڃڻ جو انديشو آهي.**( ملفوظات اعلی حضرت،ص۴۹۵)

زندگی اور موت کی ہے یا الٰہی کشمکش
جاں چلے تیری رِضا پر بے کَس و مجبور کی (1)

## باھ جا صندوق

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جنهن بہ بدنصيب جو ڪفر تي خاتمو ٿيندو ان کي قبر ايڏو زور ڏيندي جو ٻئي پاسراٽيون پاڻ ۾ ملي وينديون. ڪافر جي لاءِ ان جهڙا بيا بہ دردناڪ عذاب هوندا. قيامت جو **پنجاهہ هزار سالہ** ڏينهن ڏاڍو مشڪلاتن ۾ گذرندو، پوءِ ان کي منهن ڀر گهلي جهنم ۾ اڇلايو ويندو. جيڪي گنهگار مسلمان جهنم ۾ داخل ٿيا هوندا جڏهن انهن کي ڪڍيو ويندو ۽ دوزخ ۾ رُڳو اهي ئي ماڻهو رهجي ويندا جن جو **ڪفر تي خاتمو** ٿيو هيو. بهار شريعت ۾ آهي: پوءِ آخر ۾ ڪافرن جي لاءِ هي هوندو جو ان جي قد جي برابر باهہ جي صندوق ۾ ان کي بند ڪيو ويندو، پوءِ ان ۾ باهہ کي تپايو ويندو ۽ باهہ جو قفل (يعني تالو) لڳايو ويندو، پوءِ اهو صندوق باهہ جي ٻئي صندوق ۾ رکيو ويندو ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ باهہ ٻاري ويندي ۽ ان ۾ بہ باهہ جو قفل(تالو) لڳايو ويندو، پوءِ اهڙيءَ طرح

---

[1]… وسائلِ بخشش، صفحہ:96۔

ان کي هڪ ٻئي صندوق ۾ رکي ڪري ۽ باهہ جو قفل لڳائي ڪري باهہ ۾ وِڌو ويندو تہ هاڻي هر ڪافر هي سمجهندو تہ ان ڪان سواءِ هاڻي ڪو باهہ ۾ نہ رهيو، ۽ هي عذاب مٿان عذاب آهي ۽ هاڻ هميشہ ان جي لاءِ عذاب آهي. (بهارِ شريعت حصو پهريون ص 77، 91، 92 مخلصًا مڪتبة المدينه ڪراچي)

## موت کي ذبح ڪيو ويندو!

جڏهن سيئي جنتي جنت ۾ داخل ٿي ويندا ۽ جهنم ۾ صرف اهي ئي رهجي ويندا جن کي هميشہ جي لاءِ اُن ۾ رهڻو آهي، اُن وقت جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ موت کي گهيٽي جي صورت ۾ آندو ويندو، پوءِ پڪارڻ وارو جنت وارن کي پڪاريندو، اهي خوف سان ڏسندا تہ ڪٿي هتان ڪان نڪرڻ جو حڪم نہ ٿي، پوءِ جهنم وارن کي سڏيندو، اهي خوش ٿي ڏسندا تہ شايد هن مصيبت مان نجات ملي وڃي، پوءِ انهن سيني ڪان پڇندو تہ هن کي سڃاڻو ٿا؟ سيئي چوندا: هائو! هي موت آهي، ان کي ذبح ڪيو ويندو ۽ چوندو: اي اهل جنت! هميشگي آهي، هاڻي مرڻو ناهي ۽ اي اهلِ نار! هميشگي آهي، هاڻي موت ناهي، اُن وقت انهن(جنتين) لاءِ خوشي ئي خوشي ۽ هنن(دوزخين) جي لاءِ غم تي غم. نَسْأَلُ اللهَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي الدِّيْنِ وَالدُّنْيَا وَالْاٰخِرَة يعني اسان اللّٰہ پاڪ ڪان دين ۽ دنيا جي ڀلائيءَ جو سوال ڪيون ٿا.[1]

## بُري خاتمي جا چار سبب

ڪجهہ علماءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا: بُري خاتِمي جا چار سبب آهن. (1) نماز ۾ سُستي (2) شراب پيئڻ (3) ماءُ پيءُ جي نافرماني (4) مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ. (شرح الصدور ص 27 دار الڪتب العلميه بيروت)

## توبہ جا ٽي رڪن

[1] بهارِ شريعت، جلد:1، صفحہ: 171، حصہ:1۔

**جيڪي** اسلامي ڀائر مَعاذالله **نماز** ناهن پڙهندا يا قضا ڪري پڙهندا آهن، فجر جي نماز لاءِ ناهن اٿندا يا بنا شرعي مجبوريءَ جي مسجد ۾ باجماعت پڙهڻ جي بدران گهر ۾ ئي نماز پڙهي ڇڏيندا آهن انهن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي. ڪٿي نماز ۾ سُستي **بُري خاتمي جو سبب** نہ بڻجي وڃي. اهڙيءَ ريت شراب پيئندڙ، ماءُ پيءُ جو نافرمان ۽ مسلمانن کي پنهنجي زبان يا هٿ وغيره سان تڪليف ڏيڻ وارو سچي توبهہ ڪري وٺي. صدرُ الافاضِل حضرتِ علاّمه مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: توبهہ جو بنياد رُجوع اِلَى الله (يعني الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ) آهي. ان جا ٽي رڪن آهن: هڪ ڏوهہ جو اعتراف ٻيو شرمساري ٽيون ڇڏي ڏيڻ جو عزم (يعني هن گناهہ کي ترڪ ڪري ڇڏڻ جو پڪو ارادو) جيڪڏهن گناهہ قابلِ تلافي هجي تہ ان جي تلافي (يعني نقصان جو بدلو) بہ لازم آهي مثال طور تارڪ الصلوٰة (يعني بي نمازيءَ) جي توبهہ جي لاءِ پويُن نمازن جي قضا پڙهڻ بہ ضروري آهي. [1] ۽ جيڪڏهن حقوق العباد پائمال ڪيا آهن تہ توبهہ سان گڏوگڏ ان جي تلافي ضروري آهي مثال طور ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، گهرواري يا دوست وغيره جي دل آزاري ڪئي آهي تہ ان کان هن طرح مُعافي گهرو جو هُو مُعاف ڪري ڇڏي. صرف مسڪرائي ڪري SORRY چئي ڇڏڻ هر مُعاملي ۾ ڪافي ناهي هوندو!

مىں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں | حقیقی توبہ کا کر دے شرف عطا یا ربّ! [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … خزائن العرفان، صفحہ:16۔

[2] … وسائلِ بخشش، صفحہ:78۔

## بُري خاتمي جا ويڪ سبب

امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”بُري خاتمي جا سبب“ ۾ ايمان برباد ٿي وڃڻ جا ڀيا بہ سبب لکيا آهن، مثلاً ❁ چغلي هڻڻ بُري خاتمي جو سبب آهي ❁ شراب پيئڻ بري خاتمي جو سبب آهي ❁ حسد ڪرڻ (يعني ٻين وٽ نعمت ڏسي ڪري سڙڻ ۽ ان کان اها نعمت کسجڻ جي تمنّا ڪرڻ) بہ بري خاتمي جو سبب آهي❁ بدنگاهي بہ بُري خاتمي جو سبب آهي ❁ فرض هجڻ جي باوجود حج ادا نہ ڪرڻ❁ اذان تي رهي هجي تہ ڳالهين ۾ مصروف رهڻ ❁ ماپ تور ۾ خيانت ڪرڻ بہ بُري خاتمي جي اسباب مان آهن.[1]

## توبہ ڪري وٺو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ اڄ توبہ جي رات آهي ❁ الله کان بخشش ۽ مغفرت طلب ڪرڻ جي رات آهي ❁ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ جي رات آهي، الله پاڪ سان صُلح ڪري سندس سچو ۽ فرمانبردار ٻانهو بڻجڻ جي رات آهي. رَمضان المُبارڪ جي برڪتن واريون گهڙيون آهن، اَڄ توبہ جي طرف رُخ ڪيو! اَڄ اسان پنهنجي سيني گناهن کان توبہ ڪيون، اڄ کان پڪي نيت ڪيون تہ آئينده ڪڏهن گناهن جي طرف نہ وڌنداسين❁ سڀئي نمازون باجماعت مسجد ۾ پڙهنداسين. ❁ ڪوڙ بہ نہ ڳالهائينداسين ❁ ڪنهن کان حسد بہ نہ ڪنداسين ❁ پنهنجي مسلمان ڀائرن کي تڪليف بہ نہ پهچائينداسين، ❁ ٻين گناهن کان بہ هردم بچندا رهنداسين.

ڪاش! اڄوڪي رات اسان کي سچي ۽ پڪي توبہ جي توفيق ملي، ڪاش! اڄ اهڙي توبہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، جنهن کان پوءِ ڪڏهن بہ گناهہ نہ ٿين،

---

[1] برے خاتمے کے اسباب، صفحہ:7تا23 ملتقطاً۔

ڪاش! اسان جو ايمان سلامت رهي ۽ اسان دنيا ۾ تہ مسلمان آهيون، ڪاش قبر جي اندر بہ مسلمان رهي ڪري ئي لهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

## چڱي خاتمي جي لاءِ مدني گل

امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه لکن ٿا: حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **بُري خاتمي** کان **امن** چاهيو ٿا تہ پنهنجي سڄي زندگي **الله پاڪ** جي اطاعت ۾ گذاريو ۽ هر گناهہ کان بچو، ضروري آهي جو توهان تي عارفين(يعني بزرگانِ دين) جهڙو خوف غالب رهي ايسيتائين جو ان جي سبب توهان جو روئڻ گهڻو ٿي وڃي ۽ توهان هميشہ **غمگين** رهو. اڳتي هلي **وڌيڪ فرمائن ٿا**: توهان کي **چڱي خاتمي** جي تياريءَ ۾ مشغول رهڻ گهرجي. هميشہ الله جي ذڪر ۾ لڳل رهو، دل مان دنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيو، گناهن کان پنهنجي عضون بلڪ دل جي بہ حفاظت ڪريو، جيتريقدر ٿي سگهي بُرن ماڻهن کي ڏسڻ کان بہ بچو جو ان سان بہ دل تي اثر پوندو آهي ۽ توهان جو ذهن ان طرف مائل ٿي سگهي ٿو. (احياءُ العلوم ج 4 ص 221، 219 ملخصًا دار صادر بيروت)

مسلماں ہے عطارؔ تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتِمہ یا الٰہی

## ايمان تي خاتمي جا چارورد

**هڪ** شخص بارگاهِ **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو منهنجي لاءِ ايمان تي خاتمي جي دعا ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي لاءِ دعا فرمائي ۽ ارشاد فرمايو:

﴿1﴾ (روزانو) **41** ڀيرا صبح يَا حَیُّ يَا قَیُّوْمُ لَااِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ اول ۽ آخر درود شريف ۽ پڙهَ ﴿2﴾ سمهڻ وقت پنهنجي سيني وردن ڪان پوءِ سورهءِ ڪافِرون روزانو پڙهي ڇڏيندا ڪريو ان ڪان پوءِ گفتگو وغيره نہ ڪريو ها جيڪڏهن ضرورت هجي تہ ڪلام ڪرڻ ڪان پوءِ وري سورهءِ ڪافرون تلاوت ڪري ونو تہ جيئن خاتمو انهيءَ تي ٿئي اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ خاتمو ايمان تي ٿيندو. ۽ ﴿3﴾ ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي ڀيرا شام هن دعا جو ورد ڪندا رهو:

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ نُّشْرِكَ بِكَ شَيْأً نَعْلَمُه، وَنَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا نَعْلَمُ (1)

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! دل ۾ عشق رسول وڌائڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن بنائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺندا ڪيو !اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم !دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ بہ آهي. ❁ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سُنت مصطفيٰ آهي. ❁ اللّٰہ پاڪ جا آخري نبي، رسول هاشمي فجر جي لاءِ ويندي سُتلن ڪي جاڳائيندا هئا.( ابو داؤد، كتاب الصلاة، باب الاضطجاع، صفحہ:208، حديث:1264۔) ❁ مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن ڪي جاڳائيندي مسجد تشريف وٺي ويندا هئا. (مشكاة المصابيح، كتاب الصلاة، باب التحريض على قيام الليل، جلد:1، صفحہ:244، حديث:1240۔) مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هن پياري پياري سُنت جا عامل هئا ( تاريخ الخلفاء، ذِكْر على بن ابى طالب، فصل فى مبايعة على بالخلافة، صفحہ:112۔) ❁ اوهان بہ اها سُنت اپنايو! نمازِ فجر جي لاءِ

[1] ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:311۔

جاڳائيندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰہ الْڪَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون ۞ صبح صبح نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو. ۞ اوهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سڀني جي نمازن جو ثواب انهن کي بہ ملندو ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰہ الْڪَرِيْم! اوهان جي اعمالنامي ۾ بہ لکيو ويندو ۞ صبح صبح پيادل هلڻ جو موقعو ملندو تہ صحت بہ چڱي رهندي. ۞ هڪ اهم فائدو هي بہ آهي تہ مسجد جي رونق وڌي ويندي، هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ: اسان سردين ۾ فجر جي لاءِ جاڳائڻ شروع ڪيو تہ ايترا نمازي وڌيا جو مسجد جي ورانڊي ۾ شاميانا لڳائڻا پئجي ويا

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڪا مشڪل ناهي، جماعت جي وقت ڪان پهريان 20، 25 منٽ پهريان اٿي وڃو! نماز فجر جي لاءِ تہ وڃڻو ئي آهي، صدا لڳائيندا وڃو! مسجد بہ پڄي ويندا ۽ اللّٰہ پاڪ جي فضل سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب بہ ملي ويندو. نيت ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْڪَرِيْم! فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائيندس.

## مديني جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي وئي

پنجاب جي علائقي اِلٰہ آباد (ضلعي قصور) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: الحمد للّٰہ! مان دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ تہ هيس پر ديني ڪمن جي معاملي ۾ سُستي جو شڪار هيس، هڪ ذِينهن هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ مونکي سمجهائيندي ديني ڪم ڪرڻ ۽ بطورِ خاص نمازِ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ واري ديني ڪم جي خوب پابندي ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، الحمد للّٰہ! منهنجو ذهن ٺهجي ويو ۽ مان ايندڙ ڏينهن ئي ان تي عمل شروع ڪري ڇڏيو. فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ تہ ڇا شروع ڪيو، اللّٰہ پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿي ويو، قسمت جو تارو ايئن چمڪيو جو انهيءَ سال مونکي مديني پاڪ جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي وئي، ڪرم مٿان ڪرم هي بہ ٿيو تہ منهنجي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سعادت

نصيب ٿي وئي.

عطائے حبیبِ خُدا مدنی ماحول | ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول
سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللہ! | تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ ديني خدمتون انجام ڏئي رهي آهي ❁ دعوتِ اسلامي هيستائين تقريباً هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺاهي چڪي آهي ❁ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (***Boys & Girls***) ڪي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هيستائين تقريباً 12 هزار 699 مدرسةُ المدينہ (بوائز، گرلز) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 3 لک، 73 هزار، 729 ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظران جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي (نوٽ هن رپورٽ ۾ مدرسةُ المدينہ شارٽ ٽائيم بوائز، گرلز بہ شامل آهن.) ❁ فروغِ علمِ دين (عالمِ و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هيستائين تقريباً 1500 جامعة المدينہ (***Boys & Girls***) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1 لک، 24 هزار، 7 طالب ۽ طالبات کي درس نظامي (عالم ۽ عالمہ ڪورس، مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 31 هزار، 211 عالم ۽ عالمہ ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. شرعي رهنمائي جي لاءِ دنيا ڀر ۾ 17 دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمَّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن انهن ۾ سالانہ اوسطاً تقريباً 1

لک 70 هزار سوالن جا مختلف انداز ۾ (مثال طور آمهون سامهون، فون ذريعي، واٽس ايپ، اي ميل وغيره) جواب ڏنا ويندا آهن. ۽ ❁ المدينة العلميہ ( Islamic Research Canter) ۾ مختلف موضوعن تي 932 ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ۽ هي سلسلو اجان جاري آهي. الحمد لله! هن وقت مدني چينل 3 ٻولين اردو، انگلش ۽ بنگلہ ۾ هلي رهيو آهي. ويب چينل عربي چينل (Arabic Channel) آهي. مختلف مُلڪن جي مقامي ٻولي(Local Language) ۾ شارٽ ڪلپس ڊبنگ (Dubbing) ڪري هلايا ويندا آهن. ٻارن جي لاءِ ڪِڊز مدني چينل ( Kids Madani Channel ) جي ذريعي ديني تربيت جي ڪوشش ڪئي وڃي رهي آهي.

**اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪيو ويندو آهي.**

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

## ليلةُ الجائزہ عبادت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس!....!! ماهِ رمضان اسان کان جُدا ٿي رهيو آهي، ماهِ ذيشان اسان کي ڇڏي ڪري وڃي رهيو آهي، هن مبارڪ مهيني جي هر گهڙي ئي رحمت ڀري آهي، الله پاڪ جتي اسان کي ليلة القدر جهڙي عظيم رات عطا فرمائي اتي هن مبارڪ مهيني ۾ ليلة الجائزه يعني انعام جي رات بہ عطا فرمائي آهي❁ هن رات الله پاڪ پنهنجي رحمتن جو نزول فرمائيندو

آهي ❁هي مغفرت جي رات آهي❁ هي رات پنهنجي ربّ جي عبادت ڪرڻ جي رات آهي جو جيڪو ٻانهو هن رات اللہ پاڪ جي عبادت ڪندو آهي اللہ پاڪ اُن تي جنّت واجب ڪري ڇڏيندو آهي.[1] ❁ جيڪو ٻانهو هن رات ڪي اللہ پاڪ جي عبادت ۾ گذاريندو اللہ پاڪ ان جي دل مُرده نہ فرمائيندو. حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن عيدين (يعني عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ) جي رات طلبِ ثواب جي لاءِ قيام ڪيو، اُن ڏينهن اُن جي دل نہ مرندي، جنهن ڏينهن (ماڻهن جون) جون دليون مري وينديون.[2] تمام عاشقانِ رسول خاص ڪري معتڪفين ڪي گهرجي تہ هي رات مسجدن ۾ اللہ پاڪ جي عبادت ۾ گذرين ڇوتہ حضرت ابراهيم نخعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بُزرگانِ دين اعتڪاف ڪرڻ وارن جي لاءِ هن ڳالهہ کي پسند فرمائيندا هئا تہ عيدالفطر جي رات مسجد ئي ۾ گذارين[3]

## عيد جي ڇهہ روزن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! رمضان المبارڪ کان پوءِ شوّالُ المُڪَرّم جي آمد آمد آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيدالفطر کان پوءِ 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو انهن روزن جا فضائل ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جو هي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن کان فيضياب ٿيڻ جو ذهن ٺهجي، ❁حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ڇهہ ڏينهن شوال ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[4] ❁ جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهہ شوال ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن دهر يعني سڄي عمر جو روز رکيو.[5] ❁خليلِ ملّت حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادِري برڪات رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا

1 الترغيب و الترهيب، ڪتاب العيدين، الترغيب فی احياء ليلتی العيدين، صفحہ:373، حديث:2۔
2 ابن ماجہ، ڪتاب الصيام، باب فيمن قام فی ليلتی العيدين، صفحہ:284، حديث:1782۔
3 فيضان رمضان،صفحہ:279، 280۔
4 مجمع الزوائد، ڪتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحہ:322، حديث:5102۔
5 مسلم، ڪتاب الصيام، باب استحباب صوم...الخ، صفحہ:424، حديث: 1164۔

وجن يعني هر هفتي ۾ بہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي ونئي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب معلوم ٿئي ٿو.[1]

## چند رات مدني قافلن ۾ سفر جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! رَمضانُ المُبارڪ جو مهينو هاڻي ڪجهہ دير جو مهمان رهجي ويو آهي ۽ عنقريب اسان کان موڪلائڻ وارو آهي. پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! چندڊ رات جي آمد آمد ٿيندي. اَلحَمْدُلله! هر سال اعتڪاف جي سعادت ماڻڻ وارا خوش قسمت اسلامي ڀائر ۽ ٻين عاشقانِ رسول جي هڪ تعداد"پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش" جي مقدس جذبي سان سرشار ٿي ڪري هن رات تي مدني قافلن جا مسافر بڻجندا آهن. هونئن آهي تہ هي وڏو مشڪل ڪم پر ياد رکو نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ ان جي راهہ ۾ مشقت برداشت ڪرڻ نبين جي سُنّت آهي. ❁ انبياءِ ڪرام❁ صحابہ ڪرام ❁ نيڪ ماڻهو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ گهرن کان نڪرندا ❁ پري پري علائقن ۾ ويندا ❁ هجرت ڪندا ۽ ❁ مشقت برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا.❁ پهرين وارن جي قربانين سان ئي اسان وٽ دين پهتو آهي.

اوهان بہ چندڊ رات کان مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون ملنديون❁ مدني قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي.❁ سنتون سيکاريون وينديون آهن❁ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ❁ قافلي جي برڪت سان دعائون قبول ٿيڻ ❁ مشڪلات دور ٿيڻ❁ بيمارين کان شفا ملڻ جا بہ ڪيئي واقعا آهن ❁ ايئن بہ ٿيو آهي تہ مدني قافلي ۾ سفر

---

1 سنی بہشتی زیور، صفحہ:347۔

ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي حوصلہ افزائي جي لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ قافلي جي شرڪاء کي ديدار سان نوازيو. اللّٰہ پاڪ اسان کي بہ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاھ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سرمو پائڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: سيني سُرمن مان بهتر سرمو اِثمد آهي جو تہ هي نگاهن کي روشن ڪندو ۽ پلڪون پيدا ڪندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! ❁ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ❁ ڪارو سرمو يا ڪاجَل زينت جي نيّت سان (يعني خوبصورتي جي نيّت سان) مرد کي پائڻ مڪروھ آهي ۽ زينت مقصود نہ هجي تہ ڪراهت ناهي، ❁ سرمو رات

1 تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2 ابن ماجہ، ڪتاب الطب، باب:الکحل بالاثمد، صفحہ:566، حديث:3497۔

جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي ۞ سرمو استعمال ڪرڻ جي 3 منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرايون (2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کاٻي اک ۾ 2 (3): تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي ئي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ٽنهين طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! ادب ۽ تعظيم جا جيترا بہ ڪم آهن سڀ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سرمو لڳايو پوءِ کاٻي ۾.[1]

عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 550سنتیں اور آداب، صفحہ:38۔